# فقير ۽ گهريلو جهيڳڙا

سنڌي




شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علّامه مولانا ابو بلال

محمّد اِلياس عطّار قادِري رَضَوي

دامت برکاتهم العالية

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي
ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰھُمَّ افْتَحْ عَلَیْنَا حِکْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَیْنَا رَحْمَتَكَ یَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِکْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ۴٠ دار الفڪر بيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهو)**


رسالي جو نالو: فقيرَ ۽ ڳهرٻلو جهڳڙا
ڇاپو پهريون: صفر المظفر 1442ھ، سيپٽمبر 2021ع
تعداد:
ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بـاني ءِ دعوت اسـلامي، حضـرت عـلامہ

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو اُردو زبـان ۾ رسـالو

# فقيرَ ءِ گهريلو جهگڙا

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

7213UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext.

**Email:** translation@dawateislami.net

## فهرست

فقيرَ ۽ گهريلو جهيڳڙا ........ 1
دعاءِ عطار ........ 1
درودِ پاڪ جي فضيلت ........ 1
غيبت ڪرڻ واري ڪي اشاري سان نه ۽ زبان سان روڪيو ........ 1
عالِمن ڪي عوام نه ٽوڪي ........ 2
عالم ڪي ٽوڪڻ جي باري ۾ اعليٰ حضرت جو فرمان ........ 3
جنهن ڪي سلامتيءَ جي دعا ڏني، انهيءَ جي ئي غيبت!! ........ 4
خوفناڪ حادثو ٿيندي ٿيندي رهجي ويو ........ 5
ڇا خودڪشي ڪرڻ سان جان آزاد ٿي ويندي آهي؟ ........ 6
باهه ۾ عذاب ........ 7
انهيءَ هٿيار سان عذاب ........ 7
گهٽو ڏيڻ جو عذاب ........ 7
گهر وچي نيڪي جي دعوت ڏيندا هئا ........ 8
”گناهه ڪٽڻ“ جي وضاحت ........ 9
رحمت واپس هلي ويندي آهي ........ 9
قبر جي عذاب جا ٽي حصا ........ 10
ڪتن جي شڪل ۾ اٿندا ........ 10
گوشت جي هڪ نندي ٻوٽي ........ 10
هر ڳالهه تي سال جي عبادت جو ثواب ........ 11
عاشقان رسول جي منڙي ٻول جون برڪتون ........ 12
قبر جو پوائنٽو تصور ........ 14

ڀاڄائي جادو ڪرايو آهي ........................................ 15
جيڪڏهن گهر مان سوئين وارو پتلو نڪري ته! .................... 16
جيڪي فقير پئسا ناهن گهرندا اهي ڪيئن غلط ٿي سگهن ٿا؟ ..... 17
جيڪڏهن وهاڻي جي هيٺان تعويذ نڪري ته؟ ........................ 18
وات مان بدبوءِ اچڻ جي باوجود شرابي نه چيو وڃي .................. 18
شَرعِي ثُبوت ڇا ڪي چئبو آهي ........................................ 19
تو چوري ڪئي .............................................................. 19
ته منهنجي اکين ڏسڻ ۾ غلطي ڪئي ...................................... 20
توبه ۽ معافيءَ جو طريقو ................................................ 20
ڊرائيور جي جان بچي وئي ............................................. 21

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# فقيرءِ گهريلو جهيڳڙا

## دعاءِ عطار

يارَبَّ المصطفيٰ! جيڪو مڪمل رسالو "فقيرءِ گهريلو جهيڳڙا" پڙهي يا ٻڌي وٺي، ايمان ۽ عافيت سان سبزسبز گنبذ جي سايي ۾ جلوهءِ محبوب ۾ شهادت عطا فرماءِ.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صلَّى الله عليه واٰله وسلَّم

## درودِ پاڪ جي فضيلت

اميرالمؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ المرتضيٰ رضي الله عنه فرمائن ٿا: جڏهن ڪنهن مسجد وٽان گذرو ته رسولِ اڪرم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي درودِ پاڪ پڙهو. (فضل الصلاة على النبى للقاضى الجهضمى، ص70 رقم 80)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## غيبت ڪرڻ واري کي اشاري سان نه، زبان سان روڪيو

**حُجّةُ الاِسلام** حضرت **سيّدنا** اِمَام محمّد بِن مُحمّد غزالي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي فرمانِ عاليشان جو خُلاصو آهي: جتي **غيبت** ٿي رهي هجي ۽ اهو (مُروّت ۾ نه **بلڪ**) دِپ جي ڪري زَبان سان نه ٿو روڪي سگهي ته پوءِ دل ۾ بُرو سمجهي ته هاڻي هن کي گناه نه ٿيندو. جيڪڏهن اتان اٿي وڃي سگهي ٿو يا گفتگو جو رُخ تبديل ڪري سگهي ٿو ته

ائين ضرور ڪري، جيڪر ائين نہ ڪندو تہ گنهگار ٿيندو. جيڪڏهن زبان سان چئي بہ ٿو تہ ”**خاموش ٿي وڃو**“ پر دل سان ٻڌڻ چاهي ٿو تہ اهو **مُنافقت آهي** ۽ جيستائين دل ۾ برو نہ سمجهي تہ گناهہ کان آزاد نہ ٿي سگهندو، فقط هٿ يا پنهنجي پروڻ يا پيشاني جي اشاري سان خاموش ڪرائڻ ڪافي نہ هوندو، ڇوتہ اها سستي آهي ۽ **غيبت جهڙي گناهہ ڪي معمولي سمجهڻ جي نشاني آهي**. (جيڪڏهن جهڳڙي ۽ فساد جو انديشو نہ هجي) تہ **غيبت ڪرڻ** واري ڪي سختي سان ڪليل لفظن ۾ روڪي. (اَحياءَ العُلوم ج3 ص180) تاجدارِ مدينہءِ مُنوره سُلطانِ مَڪہ مُڪَرَّم صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: **جنهن شخص وٽ ڪنهن مومن کي ذليل ڪيو پيو وڃي ۽ اهو طاقت رکڻ باوجود ان جي مدد نہ ڪري تہ اللّٰہ پاڪ قيامت جي ڏينهن ماڻهن جي سامهون ان کي ذليل ڪندو.**“ (مُسندِ امام احمد ج5 ص 412 حديث 15985)

## عالِمن کي عوام نہ ٽوڪي

**اي عاشقانِ رسول! غيبت** کان روڪڻ واري جي لاءِ ايتري معلومات رکڻ لازمي آهي تہ هو گناهن پري **غيبت** جي سُڃاڻپ رکندو هجي. ۽ روڪڻ وقت پنهنجي ڳالهہ جو وزن ڏسڻ بہ ضروري آهي ڪٿي ائين نہ ٿئي جو اوهان ڪنهن کي روڪيو ۽ ڪو فِتنو پيدا ٿي پوي اها ڳالهہ بہ ذهن ۾ رکو تہ ڪڏهن ڪڏهن خاص طور تي اهلِ علم جي ڪا ڳالهہ متاچري طور تي ٻڌڻ وارن کي **غيبت** لڳندي آهي، پر حقيقت ۾ اها گناهن واري **غيبت** ناهي هوندي ڇو تہ **غيبت** جون جائز صورتون بہ موجود آهن، جيئن چوٽي آهي تہ **خَطاءِ بُزرگان گِرفتَن خَطاءِ اَست**”يعني بُزرگن تي اِعتِراض ڪرڻ، انهن جي غلطي پڪڙڻ خود

خطا آهي“ ان ڪري عالِم سڳورن ڪي عوام هرگز نہ ٽوڪي ۽ انهن جي لاءِ دل ۾ مَير بہ نہ رکي. ها جيڪڏهن اوهان ڪي غيبت جي باري ۾ معلومات آهي ۽ اهو عالِم صاحب واقعي صاف **غيبت** ڪري رهيو آهي تہ پوءِ اتان اٿي هليا وڃو، ٿي سگهي تہ ڳالھ جو موضوع بدلائي ڇڏيو. جيڪڏهن اتان وڃڻ ۽ ڳالھ تبديل ڪرڻ ۽ ڪنهن بہ طريقي سان **غيبت** ٻڌڻ کان بچڻ نہ ٿي سگهي تہ دل ۾ برو سمجهندي وَسَ آهر لنوائڻ جي ڪوشش ڪريو، ۽ جيڪڏهن”**ها** “۾ متو لوڏيندا رهيا يا دلچسپي ۽ حَيرت جو اظهار ڪندا ۽ ان جي ها ۾ ها ملائيندا ۽”اڇا“، ”جي“، ”اوهو“ وغيره آواز ڪيندا تہ گنهگار ٿيندا.

## عالم ڪي ٽوڪڻ جي باري ۾ اعليٰ حضرت جو فرمان

**منهنجا آقا اعليٰ** حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فتاويٰ رضويہ جلد 23 صفحي 708 تي لکن ٿا: عوام ڪي حق ئي ناهي جو عالِمن تي اِعتِراض ڪن ۽ جيڪو مَعرِفت تحت مشهور هجي، ان جو معاملو اڃا وڌيڪ نازڪ آهي، هر عام مسلمان جي لاءِ حڪم آهي تہ ان جي (يعني ان عام مسلمان جي بہ) هر قول ۽ فِعل جي لاءِ ستر (70) سٺا گمان ۽ جائز تاويلون ڳوليو (ان عوام تي بہ بدگماني نہ ڪريو) ۽ نہ ئي عالمن ۽ مَشائخَن تي عوام ڪي ڪنهن بہ قسم جي اعتراض جو ڪو حق حاصل آهي، ايتري تائين جو ديني ڪتابن ۾ صاف صاف لکيل آهي تہ جيڪڏهن ظاهر ۾ نماز جو وقت وڃي رهيو آهي ۽ عالم نہ ٿو اٿي تہ جاهل جو اهو چوڻ گستاخي آهي ”**نماز ڏانهن هلو**“ اهو (**عالم**) ان (**غير عالم**) جي لاءِ هادِي (رهنما) بڻايو ويو آهي نہ ورِي اهو

(جاهل) ان (عالم) جي لاءِ. وَاللّٰهُ تعاليٰ أعلم (فتاويٰ رضويه ج23 ص 708)

سنوں نہ فحش کلامی نہ غیبت و چغلی
تری پسند کی باتیں فقط سنا یارب
کریں نہ تنگ خیالاتِ بد، کبھی کردے
شعور و فکر کو پاکیزگی عطا یارب
(وسائل بخشش،ص78)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## جنهن کي سلامتيءَ جي دعا ڏني، انهيءَ جي ئي غيبت!!

**کنهن کي سلام** ڪري جان ۽ مال، عزت ۽ آبرو وغيره جي سلامتي جي دعا ڏني. پوءِ جيئن ئي هتان کان ويو ته **معاذالله** انهيءَ جي عزت خراب ڪرڻ يعني **غيبت** ڪرڻ شروع ڪئي، اهو ڪيترو نه عجيب معاملو آهي ! جي ها ”اَلسَّلَامُ عَلَيكُم“ جي معني آهي ته **”توهان تي سلامتي هجي“** انهيءَ سان گڏوگڏ سلام جي نيّت به ملاحظ فرمايو جيئن ته عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ **دعوت اسلامي** جي مڪتبة المدينہ جي ڪتاب بهارِ شَريعت حصي 16صفحي 102 تي لکيل ڳالهه جو خلاصو آهي: **”سلام ڪرڻ وقت دل ۾ اها نيّت هجي ته جنهن کي سلام ڪري رهيو آهيان ان جو مال، عزت، آبرو سڀ** ڪجهه منهنجي حفاظت ۾ آهي ۽ مان انهن مان ڪنهن به شيء ۾ رَنڊڪ ۽ رُڪاوٽ وجهڻ حرام سمجهان ٿو .“ (ردالمحتار ج9 ص 682) عارف بِاللهِ! حضرت سيّدنا شيخ اَبُو طَالِب مڪي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا ته الله پاڪ جا نيڪ ٻانها ملاقات جي وقت سلام ڪندا آهن ته ان ۾ اها

نيّت هوندي اتن تہ منهنجي طرفان تون سلامت رهہ، مان تنهنجي غيبت ۽ مَذمَّت (بُرائِي) نہ ڪندس. (قوت القلوب ج1 ص 348)

ڪروں ڪسی کی بھی غیبت نہ میں کبھی یارب
خدائے پاک کرم! ازپئے نبی یارب
مُعاف کردے گُنہ تو مرے سبھی یارب
طُفیلِ حضرتِ شیرِ خدا علی یارب

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

تُوبُوا اِلَى الله! اَسْتَغْفِرُ الله

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## خوفناڪ حادثو ٿيندي ٿيندي رهجي ويو

**غيبت** ڪرڻ ۽ ٻڌڻ جي عادت ڪي ختم ڪرڻ،نمازن ۽ **سنّتن** جي عادت ٻڻائڻ جي لاءِ **دعوت اسلامي** جي مدني ماحول سان هردم وابستہ رهو **سنّتن** جي تربيت لاءِ مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ **سنّتن** ڀريو سفر ڪيو ۽ ڪامياب زندگي گذارڻ ۽ آخرت سنوارڻ لاءِ **نيڪ اعمال** جي مُطابق عمل ڪري روزانو جائزي جي ذريعي رسالو ڀريو ۽ هر مدني مهيني جي **پهرين تاريخ تي** پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرايو. **سنّتن** ڀريي اجتماع ۾ حاضري ڏيو ڇا خبر ڪڏهن دل متاثر ٿي وڃي ۽ ٻنهي جهانن جون ڀلائيون ملي وڃن، اوهان جي شوق ڪي وڌائڻ جي لاءِ هڪ مدني بهار پيش ڪيان ٿو. 1425 ھ ۾ **بين الاقوامي** ٽن ڏينهن واري ٿيندڙ **سنّتن** ڀريي اِجتِماع (صحراءِ مدينہ **مدينة الاولياء ملتان شريف**) جي ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ(سگِ مدينہ عفي عنہ)

سان ملڻ هڪ صاحب پنجاب کان ڪراچي آيو. ان جي بيان جو خُلاصو آهي تہ مان A/C ڪوچ جو ڊرائيور آهيان، پريشانين تباھ ڪري ڇڏيو هو، شيطان منهنجو اهو ذهن بڻائي چڪو هو تہ دنيا وارا **مَطلَبي ۽ بيوَفا** آهن، مون کي خُودڪُشي ڪرڻ گهرجي پر اڪيلو نہ پين کي بہ ساڻ وٺي مرڻو آهي، ان ڪري مون اهو طئي ڪري ڇڏيو هو تہ سڄي پريل ڪوچ کي تيز رفتار سان کاهيءَ ۾ ڪيرائي سيني سُوارن سميت پنهنجو پاڻ کي بہ ختم ڪندس، انهن ئي ڏينهن ۾ سواري ڪٽي اجتماع (**صَحراءِ مدينہ ملتان شريف**) ۾ اچڻ جي سعادت ملي وئي ۽ اتي " خودڪشي جو علاج" نالي بيان ٿيو. شايد اهو منهنجي لاءِ ئي ٿيو هو. ٻڌي ڪري مان خدا تعالىٰ جي خوف کان ڏڪي ويس ۽ مان چڱيءَ طرح سمجهي ويس تہ خودڪشي ڪرڻ سان جان ناهي ڇُٽندي، پر ويتر قاسي پوندي آهي. مان سچي دل سان توبھ ڪئي، بيان ڪرڻ واري جو نالو ۽ پتو ماڻهن کان وٺي هاڻي اوهان وٽ دعائون وٺڻ آيو آهيان . پوءِ ان لاءِ خير جي دعا ڪئي وئي، تہ اهو نماز جي پابندي هفتيوار **سنّتن** ڀريي اجتماع ۾ حاضري، **مدني قافلن** ۾ سفر وغيره جهڙيون سٺيون سٺيون نيّتون ڪندي روئندو هليو ويو.

## ڇا خودڪشي ڪرڻ سان جان آزاد ٿي ويندي آهي؟

**عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوت اسلامي** جي مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 472 صفحن تي مُشتَمل ڪتاب "**بياناتِ عطاريہ**" حصي 2، جي صفحي 404 کان 406 تي آهي تہ خودڪشي ڪرڻ وارا شايد

اهو سمجهن ٿا تہ اسان جي جان آزاد ٿي ويندي، پر ان سان جان آزاد ٿيڻ بدران ربّ العزت جي ناراضگيءَ جي صورت ۾ نهايت بريءَ طرح قاسي پوندي آهي. خدا پاڪ جو قسم! خودڪشي ڪرڻ جو عذاب برداشت نہ ٿي سگهندو.

## باهہ ۾ عذاب

**حديثِ پاڪ** ۾ آهي تہ ”جيڪو شخص جنهن شيء سان خودڪشي ڪندو، ان ڪي جهنم جي باهہ ۾ انهيءَ شيء سان عذاب ڏنو ويندو“.

(صحيح بُخاري ج4 ص 289 حديث : 6652)

## انهيءَ هٿيار سان عذاب

**حضرت سيّدنا** ثابِت بن ضَحَّاڪ رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان مروي آهي تہ الله پاڪ جي پياري رسول صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ارشادِ عبرت بنياد آهي. تہ ”جنهن لوهہ جي هٿيار سان خودڪشي ڪئي تہ ان ڪي جهنم جي باهہ ۾ انهيءَ هٿيار سان عذاب ڏنو ويندو“. (صَحيح بُخاري ج1 ص 459 حديث1363)

## گهٽو ڏيڻ جو عذاب

**حضرت سيّدنا** ابوهريره رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان مروي آهي تہ رسولِ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي تہ جنهن پاڻ کي گهُٽو ڏنو اهو جهنم جي باهہ ۾ پاڻ کي گهٽو ڏيندو رهندو، جنهن پاڻ کي نيزو هنيو تہ اهو جهنم جي باهہ ۾ پاڻ کي نيزو هٽندو رهندو. (بخاری ،

460/1،حديث:1365)

**اي عاشقانِ رسول!** خودڪشي جو علاج نالي بيان مڪتبةُ المدينہ تان حاصل ڪريو ۽ سيني گهر وارن کي ٻُڌرايو ۽ خاص ڪري پريشان حال کي ٻُڌڻ جي لاءِ پيش ڪريو. **اَلحَمدُلِلّٰهِ** انهيءَ بيان کي ضرورت مطابق تَرمِيم ڪري "خودڪشي جو علاج" رسالي جي صورت ۾ بہ پرنٽ ڪيو ويو آهي. پنهنجي عزيزن جي ايصالِ ثواب جي لاءِ **دعوتِ اسلامي جي مڪتبة المدينہ** تان گهٽي ۾ گهٽا خريد ڪري غمزده، ڏکايل، بيمارن ۽ عام مسلمانن ۾ ورهايو جيڪڏهن پڙهي ڪري ڪو بہ هڪ مسلمان آپگهات جي ارادي کان باز اچي ويو تہ **اِن شَآءَالله** اوهان جا بہ ٻيڙا پار ٿي ويندا.

قبر میں شکل تیری بگڑ جائے گی ۔۔۔ پیپ میں لاش تیری لتھڑ جائے گی
بال جھڑ جائیں گے کھال اُدھڑ جائے گی ۔۔۔ کیڑے پڑ جائیں گے نعش سڑ جائے گی

مت گناہوں پہ ہو بھائی بے باک تُو ۔۔۔ بھول مت یہ حقیقت کہ ہے خاک تو
تھام لے دامنِ شاہِ لولاک تُو ۔۔۔ سچّی توبہ سے ہو جائے گا پاک تو

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

تُوبُوا اِلَی الله! اَسۡتَغۡفِرُ الله

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## گهروچي نيڪي جي دعوت ڏيندا هئا

**حضرت سيّدنا عبدالعزيز** دُرَيِّنِي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي جڏهن خبر پوندي هئي

تہ ڪنهن شخص ان جي ڳالهہ ڪئي آهي تہ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه **سمجهائڻ** جي لاءِ ان جي گهر تشريف وٺي ويندا هئا ۽ فرمائيندا هئا: **اي ڀاءُ!** توکي ڇا ٿيو آهي جو تو **عَبدُالعَزِيز** جا گناهہ ڪنيا آهن. (تنبيہ المُغترّين ص 192)

## "گناهہ ڪٽڻ" جي وضاحت

**اي عاشقانِ رسول!** هن حڪايت مان خبر پئي تہ اسان جا اسلاف پنهنجي **غيبت** جو ٻڌي ڪري ڪاوڙ ۾ **سِيڙجي**، ٻانهون مٿي ڪري وَرَ چاڙهي **غيبت** ڪرڻ واري کي مارڻ بدران جيڪڏهن وڃڻو بہ پيو تہ ان جي گهر وڃي ان کي نيڪيءَ جي دعوت پهچائيندا ۽ ان کي مُتاثر ڪرڻ وارا جُملا ارشاد فرمائيندا هئا. هن حڪايت ۾ **"گناهہ ڪٽڻ"** جو چيو ويو آهي تہ هن مان مراد هي آهي تہ جيڪڏهن بغير توبهہ ۽ "مُغتَاب" يعني جنهن جي **غيبت** ڪئي ان کان مُعاف ڪرائڻ کان سواءِ مري ويو تہ جنهن جي **غيبت** ڪئي وئي آهي ان کي پنهنجون نيڪيون ڏيڻيون پونديون، جيڪڏهن نيڪيون نہ هونديون يا گهٽ ٿي پيون تہ ان جا گناهہ پنهنجي سر ڪٽڻا پوندا! **غيبت** جو معاملو بيحد نازُڪ آهي، توبهہ توبهہ اسان جي ڪروڙين ڀيرا توبهہ. وعدو ڪريو: **نہ غيبت ڪندس نہ ٻڌندس.**

ہے غیبت سے بچنے کی نیّت الٰہی میں قائم رہوں کر اِعانت[1] الٰہی

## رحمت واپس هلي ويندي آهي

حضرت **سيّدنا** حاتِم اَصَم رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن ڪنهن مجلس ۾

[1] ... يعني امداد

اهي ٽي ڳالهيون هونديون تہ انهن ماڻهن وٽان رحمت واپس هلي ويندي آهي. ﴿1﴾ دنيا جو ذڪر ﴿2﴾ گهڻو کلڻ ﴿3﴾ ماڻهن جي **غيبت** ڪرڻ. (تنبيہ المُغترّين ص 194)

## قبر جي عذاب جا ٽي حصا

حضرت **سيّدنا** قتاده رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه فرمائن ٿا: اسان کي ٻڌايو ويو آهي تہ قبر جي عذاب کي ٽن حصن ۾ ورهايو ويو آهي: پهريون ٽهائي حصو عذاب **غيبت** سان، ٻيون ٽهائي حصو چغليءَ سان ۽ ٽيون ٽهائي حصو پيشاب (جي قطرن کان پاڻ کي نہ بچائڻ) سان ٿيندو آهي. (ذم الغيبۃلابن ابِی الدنيا، ص92، رقم:52)

## ڪتن جي شڪل ۾ اٿندا

اسان جي پياري پياري آقا، مديني واري مصطفیٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: **غيبت** ڪرڻ وارن، چغل خورن، ۽ پاڪباز ماڻهن جا عيب ڳولڻ وارن کي **الله** پاڪ **(قيامت جي ڏينهن)** ڪتن جي شڪل ۾ **اٿاريندو**. (التّوبيخ والتّنبيہ لابي الشيخ الاصبهاني ص 97 رقم 220 ، التّرغيب وَالتّرهيب ج3 ص 325

حديث 10) **حَکيمُ الامّت** حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: خيال رهي تہ سيئي انسان قبرن مان اِنساني شڪل ۾ ئي اٿندا، پوءِ مَحشر ۾ پهچي بعض جون شڪلون مَسخ ٿي وينديون. (يعني: **بدلجي وينديون مثال طور مختلف جانورن جهڙيون ٿي وينديون**) (مراٰة ج 6 ص 660)

## گوشت جي هڪ ننڍي ٻوٽي

**اي عاشقانِ رسول!** زبان جيتوڻيڪ ظاهر ۾ هڪ گوشت جي **ننڍڙي ٻوٽي** آهي، پر اها خداءِ پاڪ جي **عظيم الشان** نعمت آهي. ان نعمت

جو قدر تہ شايد گونگو ئي سمجهي سگهي ٿو. زبان جو صحيح استعمال **جنّت** ۾ داخل ۽ غلط استعمال **جهنم** ۾ پهچائي سگهي ٿو، ان زبان سان قرآن شريف جي تِلاوت ڪرڻ وارو، **دُرود سلام** پڙهڻ وارو، ربُّ العِزّت جي عِنايت سان جنّت ۾ ويندو آهي، پر ان زبان سان ڪنهن مسلمان کي گار ڏيڻ وارو، **غيبت**، چُغلي، تُهمت لڳائڻ وارو باھ جي عذاب جو حقدار ٿيندو آهي. جيڪڏهن ڪو بدترين ڪافر بہ دل جي سچائي سان زبان سان لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسولُ اللّٰه صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پڙهي وٺي تہ **ڪُفر ۽ شِرڪ جي** سيني گندگين کان پاڪ صاف ٿي ويندو آهي ان جي زبان مان نڪتل اهو پاڪ ڪلمو ان جي پوين سيني گناهن جي ميراڻ ۽ گندگي ڌوئي ڇڏيندو آهي. زبان سان ادا ڪندڙ ان پاڪ ڪلمي جي ڪري اهو گناهن کان اهڙو پاڪ صاف ٿي وڃي ٿو، جيئن ان ڏينهن هو جنهن ڏينهن ان جي ماءُ کيس ڄڻيو هو، اهو عظيم **مَدَني انقلاب** دل جي تائيد سان زبان سان ادا ڪيل **ڪلمي شريف** جي برڪت سان آيو.

## هر ڳالھ تي سال جي عبادت جو ثواب

**اي ڪاش!** اسان بہ پنهنجي زبان جو صحيح استعمال ڪرڻ سکون. ۽ **غِيبتن**، چُغلين ۽ تهمتن پريل ڳالهين کان جان ڇڏايون، بيشڪ **الله پاڪ** ۽ آقا صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مرضيءَ مطابق جيڪڏهن زَبان کي هلايو وڃي تہ جنت ۾ گهر تيار ٿي ويندو. ان زبان سان اسين قرآن جي تلاوت ڪريون، **ذِڪرالله** ڪريون، دُرود ۽ سلام جو وِرد ڪريون تمام گهڻي نيڪيءَ جي دعوت ڏيون تہ **اِن شَآءَالله** اسان جا ٻيڙا پار ٿي ويندا، **مُڪَاشَفَةُ القُلُوب** ۾ آهي: حضرت **سيّدنا** موسيٰ **ڪليمُ**

**الله** عَلَيْهِ السَّلام بارگاهِ خداوندي ۾ عرض ڪيو: اي ربّ ڪريم! جيڪو پنهنجي ڀاءُ کي سڏي ۽ ان کي نيڪيءَ جو حڪم ڏي ۽ برائيءَ کان روڪي تہ ان شخص جو بدلو ڪهڙو آهي؟ فرمايو ” **مان ان جي هر ڪلمي جي بدلي ۾ هڪ سال جي عبادت جو ثواب لکندس ۽ ان کي جهنم جي سزا ڏيڻ ۾ مونکي حياء ٿو اچي.**“ (مڪاشفة القلوب ص: 48)

## عاشقان رسول جي مدني ماحول جون برڪتون

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** نيڪيءَ جي ڳالهہ ڪرڻ، گناهہ کان نفرت پيدا ڪرڻ ۽ انهن ڪمن جي لاءِ ڪنهن تي **انفرادي ڪوشش** جو ثواب ڪمائڻ جي لاءِ اهو ضروري ناهي تہ جنهن کي توهان سمجهايو، اهو مڃي وڃي تہ پوءِ ئي ثواب ملندو، پر جيڪڏهن اهو نہ مڃي تڏهن بہ **اِنْ شَآءَاللهُ الڪريم** ثواب ئي ثواب آهي ۽ جيڪڏهن اوهان جي اِنفرادي ڪوشش سان ڪنهن گناهن کان توبهہ ڪري **سنّتن ڀري زندگي گذارڻ** شروع ڪئي تہ پوءِ **اِنْ شَآءَاللهُ الڪريم** اوهان جو بہ بيڙو پار ٿي ويندو. اچو هن سلسلي ۾ **انفرادي ڪوشش** جي هڪ **مدني بهار** ٻڌندا هلون. جيئن تہ شهر قصور **(پنجاب)** جي هڪ اسلامي ڀاءُ ميٽرڪ جو شاگرد هو، بري صحبت جي ڪري زندگي گناهن ۾ گذري رهي هئي، طبيعت ڪاوڙ واري هيس، بدتميزيءَ جي خراب عادت ايتري حد تائين پهچي چڪي هئي جو والد صاحب تہ ٺهيو، پر ڏاڍي سائين ۽ ڏاڍيءَ جان جي سامهون بہ سخت زبان ڳالهائيندو هو. هڪ ڏينهن عاشقانِ رسول جي مدني **تحريڪ دعوتِ اسلامي** جو هڪ ”**مدني قافلو**“ سندن پاڙي جي مسجد ۾ اچي پهتو، خدا پاڪ جي قدرت جو هُو **عاشقانِ رسول** سان

ملاقات جي لاءِ پهچي ويو. هڪ اسلامي ڀاءُ **اِنفِرادي ڪوشش** ڪندي
اُن کي **درس ۾ شرڪت** جي دعوت پيش ڪئي، ان جي منٺڙي ٻول
ان تي اهڙو تہ اثر ڪيو جو هُو انهن سان گڏ ئي درس ۾ ويهي
رهيو. انهن درس ڪانپوءِ انتهائي منٺڙي انداز ۾ ان کي ٻڌايو تہ
ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ **صحراءِ مدينہ**، مدينة الاولياءَ ملتان شريف ۾
**دعوتِ اسلامي** جو ٽن ڏينهن وارو **بين الاقوامي سنّتن** ڀريو اجتماع
ٿي رهيو آهي اوهان بہ شرڪت ڪريو. ان جي درس اُن تي گهڻو اثر
ڪيو هو، ان ڪري اهو انڪار ڪري نہ سگهيو، ايتري تائين جو هُو
**سنّتن ڀريي اجتماع** (صحراءِ مدينہ ، مدينة الاولياءَ ملتان شريف) ۾ حاضر
ٿي ويو. اتان جون رونقون ۽ برڪتون ڏسي هُو حيران ٿي ويو،
اجتماع ۾ ٿيڻ واري آخري بيان "گانے باجوں کی ہولناکیاں" ٻڌي ڪري هُو
ڏڪي ويو ۽ اکين مان ڳوڙها جاري ٿي ويا، **اَلحَمدُلله** ان گناهن کان
توبهہ ڪئي ۽ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويو.
ان جي **مدني ماحول** سان وابستگيءَ جي ڪري سندس گهر وارن
سُک جو ساهہ کنيو. **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول جي برڪت
سان اُن جهڙي نوجوان جي اصلاح کان متاثر ٿي ڪري ان جي وڏي
ڀاءُ بہ ڏاڙهي مبارڪ رکڻ سان گڏوگڏ **عِمامي شريف** جو تاج بہ
سجائي ورتو، ان جي هڪڙي ئي ڀيڻ آهي. **اَلحَمدُلله** ان بہ مدني
بُرقعو پائڻ شروع ڪيو. **اَلحَمدُلله** گهر جو هر ڀاتي سلسلہءِ عاليہ
قادريہ رضويہ ۾ داخل ٿي سرڪارِ **غوثِ اعظم** رحمۃ اللہ علیہ جو مريد ٿي
ويو ۽ ان **اِنفرادي ڪوشش** ڪرڻ واري اسلامي ڀاءُ جي منٺڙي ٻولن
جي برڪت سان مون تي الله ڪريم اهڙو ڪرم فرمايو جو مون
قرآن پاڪ حِفظ ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي ۽ درسِ نظامي (عالِم

ڪورس) ۾ داخلا وٺي ڇڏي. اَلحَمدُلِلّٰه **دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن** جي تعلق سان **علاقائي قافلا ذميدار** آهيان.

دل په گر زنگ هو، سارا گهر تنگ هو — داغ سارے دُهلیں قافلے میں چلو
ایسا فیضان هو، حِفظ قرآن هو — خوب خوشیاں ملے قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قبر جو پوائتو تصور

**اي عاشقانِ رسول!** غور ڪريو، **سوچيو!!** تي سگهي ٿو ته اڄ ئي موت اچي وڃي، دنيا جون سموريون نعمتون ڪسجي وڃن، سڀ اَرمان خاڪ ۾ ملي وڃن، ۽ ڏسندي ئي ڏسندي جَنازو **قبرستان** ۾ داخل ٿي وڃي، افسوس ! افسوس! صد افسوس!!! تصوُّر ڪريو، ان وقت ڇا حالت هوندي جڏهن قبر ۾ اڪيلو رکي مٿان مٽيءَ جا مَڻ وجهي ناز ڪٽنڊڙ اتان هليا ويندا. هاءِ ڪاري اونداهي، هاءِ! **وَحشت ۽ خوف وارو ماحول!** اهڙي ماحول ۾ جيڪڏهن غيبتن، **چغلين، عيب ڪولڻ، تهمتن ۽ بدگمانين** وغيره وغيره گناهن جي ڪري اونداهي قبر ۾ مارڪُٽ شروع ٿي وئي، خوفناڪ باهه ٻاري وئي، قِسمين قِسمين جا زهريلا نانگ ۽ وِڇون ڪَفن ڦاڙي نازُڪ بدن سان چنبڙي ويا ته ڇا ٿيندو! **عقل** به ان وقت سلامت هوندو، بيهوشي به نه هوندي، رڙيون ۽ دانهون بيڪار ٿينديون، نه ڪنهن کي پاڻ وٽ سڏي سگهنداسين ۽ نه پاڻ ڪنهن وٽ وڃي سگهنداسين! هاءِ منهنجا **الله!**

گھُپ اندھیرا ہی کیا وحشت کا بسیرا ہو گا
قبر میں کیسے اکیلا میں رہوں گا یارب!
گر کفن پھاڑ کے سانپوں نے جمایا قبضہ
ہائے بربادی! کہاں جا کے چھُپوں گا یارب!
ڈنک مچھر کا سَہا جاتا نہیں، کیسے میں پھر
قبر میں بچھّو کے ڈنک آہ سہوں گا یارب!
گر تُو ناراض ہوا میری ہلاکت ہو گی
ہائے! میں نارِ جہنّم میں جلوں گا یارب!
عفو کر اور سدا کے لئے راضی ہو جا
گر کرم کر دے تو جنّت میں رہوں گا یارب!

## پاڇائي جادو ڪرايو آهي

**اي عاشقانِ رسول!** گهر ۾ بيماري، پريشاني، يا بيروزگاري هجي تہ اڄڪلهہ گهڻو ڪري اهو وسوسو ايندو آهي تہ شايد ڪنهن جادو ڪرايو آهي. ان ڪري ”**ڪنهن فقير**“(يعني: تعويذ، ڌاڳو وغيره ڪندڙن) سان رابطو ڪيو ويندو آهي، فرض ڪيو ”**عامل فقير**“ ٻڌائي تہ تنهنجي **ويجهي مائٽ جادو** ڪرايو آهي تہ عام طور تي **نُنهن يا پاڇائي** جي شامت اچي ويندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ”**فقير**“ (تعويذ وغيره ڪندڙ) جادو ڪرڻ واري يا واريءَ جي نالي جو **پهريون اکر بلڪ نالو** ئي ٻڌائي ڇڏيندو آهي! ڪڏهن ڪڏهن سوئين واري مانهن جي اَٽي جو پتلو ۽ تَعوِيذ وغيره بہ گهر مان نڪري پوندو آهي ۽ پوءِ ماڻهو اهڙي ”**فقير**“ تي انڌو اِعتماد ڪري ويهندا آهن، ۽ سڄي خاندان ۾ **غِيبت**، بُهتان، اِلزَام بازين جو بدترين سلسلو شروع تي ويندو آهي، ۽ نتيجي طور آباد خاندان، تباهہ ۽ برباد تي ويندو آهي، ياد رکو! بِنا شَرعِي ثبوت جي صرف عَامِلَن، ۽ فقيرن جي چوڻ تي جيڪڏهن اوهان ڪنهن کي چيو **مثال طور**: ”اسان جي پاڇائي جادو ڪرائيندي آهي“ تہ اهو بهتان، گناهِ ڪبيره، حرام ۽

جهنم ۾ وڃي وڃڻ وارو ڪم آهي، جيڪڏهن ڪنهن لِڪي ڪري واقعي جادو ڪرائي به ڇڏيو آهي ۽ اوهان کي يقيني طور تي خبر پئجي به وئي آهي تڏهن به ان خاص **ماڻهوءَ جو جادوءَ** جي حوالي سان بِنا شَرعِي مَصلِحَت جي ڪنهن سان ذڪر ڪرڻ **غيبت** آهي، ياد رکو! عَامِلن يا فَقِيرن جو بُڌائڻ **شَرعي ثبوت ناهي هوندو**.

## جيڪڏهن گهر مان سوئين وارو پتلو نڪري ته!

**وسوسو:** ”**فقير صاحب**“ نالي ۽ سوئين واري پتلي جي نشاندهي ڪري ڇڏي ته پوءِ اهو شَرعِي ثبوت ڇو نه آهي؟ ڇا ”**فقير**“ **ڪوڙو** آهي؟

**وسوسي جو علاج:** ڏسو! ڪنهن ڳالهه کي شرعي دليل نه مڃڻ ٻي ڳالهه آهي ۽ جنهن جو دليل نه مڃيو وڃي ان کي ڪوڙو سمجهڻ ٻي ڳالهه آهي. **مثال طور:** ڪنهن ڳالهه ۾ ٻن شاهدن جي ضرورت هجي ۽ شاهد صرف هڪ هجي، جيتوڻيڪ ڪو صالح، نيڪ، ڪٽي **الله** جو ولي هجي، **قاضي ان جي شاهديءَ** کي رد ڪري ڇڏي تو ته ان جو اهو مطلب ڪڏهن به ناهي ته قاضي ان کي ڪوڙو سمجهي رهيو آهي، پر شريعت شاهديءَ جو جيڪو نِصاب مقرر ڪيو آهي قاضي ان نِصاب جي حڪم تي عمل ڪري رهيو آهي. ايئن ئي اسين ”**فقير**“ کي **ڪوڙو نه ٿا** چئون، پر شَرعِي حڪم تي عمل ڪندي ”**فقير**“ جي ٻڌائڻ کي دَليل ٻڻائي ڪنهن شخص تي جادوءَ جو الزام ثابت نه ٿا ڪريون. بهرحال شرعي حڪم اهو آهي ته ڪنهن ”**فقير**“ جو پُتلي وغيره جي باري ۾ ٻڌائڻ ۽ ان پتلي جو ملڻ

ان ڳالهه جو شَرعِي دليل ناهي تہ واقعي رشتي دار ئي اهو جادو ڪرايو آهي .

## جيڪي فقير پئسا ناهن گهرندا اهي ڪيئن غلط ٿي سگهن ٿا؟

**وسوسو:** جيڪو **فقير تعويذن** وغيره جا پئسا نہ ٿو گهري، اهو ڪيئن غلط ٿي سگهي ٿو؟

**وسوسي جو علاج:** عَملِيات (تعويذن ۽ ڌاڳن) جي لائن اهڙي آهي جو جيڪي پئسا نہ ٿا گهرن، ڪڏهن ڪڏهن انهن جي آمدني گُهرڻ وارن جي نِسبت وڌيڪ هوندي آهي، ڇوتہ بار بار پئسا گهرڻ وارن کان ماڻهو ڀڄي ويندا آهن، حضرت مولاءِ ڪائنات، مولىٰ علي شيرِ خُدا رضي الله عنه فرمائن ٿا: ”**گابو جڏهن ٿڻن کي وڌيڪ چُوسڻ لڳندو آهي تہ ان جي ماءُ ان کي سڱ هڻندي آهي**.“ (مڪاشفة القلوب ص 220) بهرحال ”**فقير**“ جيتوڻيڪ پئسا نہ گُهرندو هجي تڏهن بہ ماڻهو جيئن تہ حقيقت کان واقف ناهن هوندا، ان ڪري عام طور تي اهڙن جا وڌيڪ عقيدت مند ٿي ويندا آهن ۽ پوءِ دعوتن، نَذرَانن جي ترڪيب سان گڏوگڏ شُهرت ۽ عزت بہ حاصل ٿي ويندي آهي. **حُبِّ جاه** يعني **عزت ۽ شُهرت** جي محبت جو مرض جنهن کي بہ لڳي ويندو آهي اهي ماڻهو مشهوري جي لاءِ ڪروڙين روپيہ بہ پاڻ خرچ ڪرڻ کان ناهن ڪيٻائيندا. عام چونڊن جي موقعي تي جمهوري ملڪن ۾ اهڙي قسم جا نظارا عام هوندا آهن، يقيني طور شريعت جي ڪنهن بہ معاملي ۾ ڪوبہ جُهڪاءُ ناهي. ياد رکو! استخارن، مُوَڪّلَن ۽

جِنن جي ذريعي نہ، پر **قرآن ۽ سنت** جي حڪمن جي ذريعي **اسلامي عدالتن** جا معاملا طئي ڪيا ويندا آهن .

## جيڪڏهن وهاڻي جي هيٺان تعويذ نڪري تہ؟

**وسوسو:** جيڪڏهن ياجائي يا ٻُنهن جي کيسي يا ان جي وهاڻي جي هيٺان ڪو تعويذ نڪري تہ ڇا اهو بہ شرعي ثبوت ناهي؟

**وسوسي جو علاج:** اهو بہ شرعي دليل ناهي، جيڪو تعويذ نڪتو ان کي "**جادو**" قرار ڏيڻ جي لاءِ ڪو مَعقُول دليل هئڻ کپي. پنهنجي علاج يا ڪنهن ذاتي مقصد جي لاءِ بہ تہ اهو تعويذ استعمال ڪري سگهن ٿيون. فرض ڪيو اهو جادوءَ جو تعويذ ثابت ٿي وڃي تڏهن بہ ان جو ڪهڙو ثبوت آهي تہ اوهان کي نقصان پهچائڻ جي لاءِ ئي اهو ڪٽي آئي هئي. اها شيطاني حرڪت بہ ٿي سگهي ٿي تہ ڪنهن شرارتي جِن گهر ۾ جهيڙو ڪرائڻ جي لاءِ وهاڻي يا کيسي ۾ اهو تعويذ وجهي ڇڏيو هجي.

## وات مان بدبوءِ اچڻ جي باوجود شرابي نہ چيووڃي

**امام** محمّد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي فرمان جو خلاصو آهي: ڪنهن شخص جي وات مان شراب جي بدبوءِ ايندي هجي، ان آثار تي ان کي حد لڳائڻ جائز ناهي، ڇو تہ ٿي سگهي ٿو تہ ان شراب

سان گُرڙي ڪئي هجي يا پاڻ نہ پيتو هجي، پر پيئڻ تي مجبور ڪيو ويو هجي، ان ڪري ان مسلمان تي (صرف وات جي بدبوءِ جي ڪري) بدگماني نہ ڪئي وڃي. (يعني انکي شرابي قرار نہ ڏنو وڃي) (اَحياءَ العلوم ج 3 ص 186)

## شَرعِي ثُبوت ڇا کي چئبو آهي

**شرعِي ثُبوت** جي هتي صورت هيءَ آهي يا تہ ان تي جيڪو الزام آهي، اهو پاڻ هوش ۽ حَواس سان اِقرار ڪري تہ مان جادو ڪرايو آهي ۽ جيڪڏهن انڪار ڪري تہ **ٻہ مرد مسلمان** يا **هڪ مرد مسلمان ۽ ٻہ مسلمان عورتون شاهدي** ڏين تہ اسان هن کي جادو ڪندي پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي. جيڪڏهن ذڪرڪيل شَرعِي شاهد نہ ٿو آڻي سگهي تہ جنهن تي الزام آهي اهو قسم کڻي تہ مان جادو ناهي ڪرايو تہ انکي سچو مڃڻ ضروري آهي.

## تو چوري ڪئي

ڏسو! **شيطان جي ورغلائڻ تي ڏُنهن،** وغيره تي جادوءَ جو الزام لڳائڻ ۽ پڇاڳاڇا دوران ان جي انڪار تي ڪڏهن ٻہ اها ڳالهہ زبان تي نہ آندي وڃي تہ اها قاسي پئي تہ هاڻي ان کي انڪار ڪرڻو ئي آهي ۽ ماڻهو عزت بچائڻ جي لاءِ ڪوڙو قسم ٻہ کڻي وٺندا آهن، ان ڪري اها ٻہ ڪوڙو قسم کڻي رهي آهي، خدارا! هڪ مسلمان جي عزت جي اهميت کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو اوهان جي عبرت جي لاءِ هڪ ايمان اَفروز حديث عرض ڪريان ٿو: جيئن تہ حضرت **سيّدنا** ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا تہ **الله پاڪ** جي مَحبُوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: **حضرت عيسيٰ بن مريم** (عليہ السّلام) هڪ شخص کي چوري ڪندي ڏٺو تہ ان کي فرمايو: تہ " **تو چوري**

**ڪئي**“ ان چيو تہ هرگز نہ، ان جو قسم جنهن کانسواءِ ڪوبہ معبود ناهي تہ حضرت عيسيٰ (عليہ السّلام) فرمايو تہ، ” مون الله تي ايمان آندو ۽ پنهنجي ڳالهہ کان رجوع ڪيو“. (صَحيح مُسلِم ص 1288 حديث 2368)

## تہ منهنجي اکين ڏسڻ ۾ غلطي ڪئي

**الله اڪبر**! ڏٺو اوهان! حضرت **سيّدنا عيسيٰ** روح **الله** عليہ السّلام قسم کڻندڙ سان ڪيترو تہ عظيم سلوڪ ڪيو. مُفَسِرِ شهير حڪيمُ الامّت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ان قسم کڻندڙ کي چڏي ڏيڻ جي متعلق حضرت **سيّدنا عِيسيٰ** روح **الله** عليہ السّلام جي جذبات جي عڪاسي ڪندي تحرير فرمائن ٿا: يعني ان قسم جي ڪري توکي سچو تو سمجهان چو تہ مومن پانهو **الله (پاڪ)** جو ڪوڙو قسم نٿو کڻي سگهي (چو تہ) ان جي دل ۾ **الله** جي نالي جي تَعظِيم هوندي آهي ان ڪري پنهنجي لاءِ غلط فهمي خيال ڪيان ٿو تہ منهنجي اکين ڏسڻ ۾ غلطي ڪئي. (مراۃ ج6 ص 623) **الله رب العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

اٰمِيْن بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم

## توبهہ ۽ معافيءَ جو طريقو

**اميد آهي تہ** مسئلو سمجهہ ۾ اچي ويو هوندو، اهڙن موقعن تي صبر ڪرڻ گهرجي، نہ تہ **غيبتن، بدگمانين ۽ تهمتن** وغيره گناهن کان بچڻ تمام ڏکيو تي پوندو آهي، هاڻي جيڪڏهن ڪنهن اهڙي قسم جي غلطي ڪئي آهي ۽ بغير **شرعي ثبوت** جي جادوءَ جو الزام لڳائي وينو آهي تہ اهو **الله پاڪ** جي بارگاهِ بيڪس پناهہ ۾ ٻاڏائي

توبهه ڪري ۽ توبهه جا تقاضا بہ پورا ڪري ۽ جنهن تي الزام لڳايو ويو، **مثال طور**: ياجائي يا ننهن وغيره تہ انهن کان بہ معاف ڪرائي رَسمي طور تي صرف **Sorry** چوڻ ڪافي ناهي، پر جنهن لاپرواهيءَ سان ان جي بدنامي ۽ دل آزاري ڪئي آهي، اهڙي ئي طريقي سان تمام عاجزي ۽ اِنڪِساري ڪري ۽ هٿ ٻڌي ان کان ايتري قدر معافي گهري جو ان جي دل مُطمَئِن تي وڃي ۽ اها معاف بہ ڪري ۽ جن جن کي اها ڳالهه ٻڌائي آهي، انهن جي سامهون چوڻو پوندو تہ مون ڪوڙو الزام لڳايو هو. واقعي هتي نَفس معافي گهرڻ تي انڪار ئي ڪندو. هاڻي ٻانهي تي آهي تہ معافي گهُري دُنياوي طور تي پنهنجي نفس جي معمولي ذِلت اختيار ڪري يا آخرت جي دردناڪ خواري ۽ خطرناڪ سزا. ڏسو! شيطان قسمين قسمين جا بهانا ۽ عُذر سمجهائيندو، وسوسا ڏياريندو، **مثال طور**: ائين چوندو تہ **”ائين نہ ڪر، اها مٿي تي چڙهي ويندي، ان جي دل وڌي ويندي،** اسان تي قبضو ڪري ويندي، تنهنجي بدنامي ٿيندي“ وغيره، اوهان انهن شيطاني خيالن ڏانهن ڌيان نہ ڏيو، الله پاڪ جي رضا جي لاءِ شريعت جي حڪم تي عمل ڪريو **اِنْ شَآءَاللہ الڪريم** ان جي برڪت توهان پاڻ ئي ڏسي وٺندؤ. ايتري تائين جو خدانخواستہ اها واقعي ڏوهاري نڪتي تڏهن بہ اوهان جي خوش اخلاقي ۽ عاجزيءَ جي برڪت سان **اِنْ شَآءَاللہ الڪريم** اوهان جي خيرخواهہ تي ويندي.

## ڊرائيور جي جان بچي وئي

**ڪراچي جي علائقي نيون آباد** جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي حلفيہ بيان جو خلاصو آهي تہ منهنجو هڪ ڀاءُ جيڪو عرب شريف جي

شهر ”رِيَاض“ ۾ ڊرائيور جي حيثيت سان ملازمت ڪندو هو. هڪ ڏينهن ڊرائيونگ جي دوران خطرناڪ حادثي جو شڪار ٿيو ۽ هُو بيهوش ٿي ويو. دماغي ڏڪ ايترا ته گهڻا هئا جو بچڻ جي اميد نه رهي، اسان مجبور هئاسين ۽ ان کي ڏسڻ لاءِ به وڃي نه پيا سگهون. **اَلحَمدُلله** مان عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي اسلامي ڀينرن جي هفتيوار **سنّتن** ڀريي اجتماع ۾ شرڪت ڪندي هئس. مون ياءُ جي پريشاني پنهنجي علائقي جي هڪ اسلامي ڀيڻ کي ٻڌائي، ان مونکي دلاسو ڏنو ۽ صلاح ڏني ته ايئن ئي پابنديءَ سان اجتماع ۾شرڪت ڪري تمام گهڻيون دعائون گهرندي رهه. بس پوءِ مان ائين ئي ڪيو، **اَلحَمدُلله** اجتماع ۾ ڪيل دعائن جي برڪت سان ٽن مهينن جي اندر اندر ياءُ ڳالهائڻ شروع ڪيو. ڊاڪٽر به حيران رهجي ويا ڇو ته دماغي ڏڪ تمام گهڻا هئا ۽ ظاهري طور بچڻ جي اميد تمام گهٽ هئي. **اَلحَمدُلله** اجتماعن جي برڪتن جي سبب منهنجي عقيدت اجا وڌيڪ مضبوط ٿي وئي.

اے اسلامی بہنو کبھی چھوڑنا مت — مصائب کو دے گا بھگا مَدَنی ماحول
تُو پردے کے ساتھ اجتماعات میں آ — تری دے گا بگڑی بنا مَدَنی ماحول

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نمازِ مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. * سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ * روزانو "فڪرِ مدينه" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اصلاح جي لاءِ "مدني انعامات" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "**مدني قافلن**" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ







عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net